ماہوار

صفر المظفر 1444ھ / ستمبر 2022

# فیضانِ مدینہ

(دعوتِ اسلامی)



ویب ایڈیشن

# دارُ الاِفتاء اهلِ سنّت

## سيپٽمبر 2022ء

(1) وفات کان بعد اچڻ واري پينشن جي ملڪيت جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن باري ۾ ته وفات کان بعد اچڻ واري پينشن ڪنهن جي ملڪيت آهي؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

گورنمنٽ ادارن ۽ ڪجھ ڪمپنين جي طرف کان پنهنجي ملازمن جي وفات تي پينشن جي نالي سان ڏني ويندڙ رقم پگهار جو حصو ناهي هوندي ۽ مرڻ وارو ان جو مالڪ ناهي هوندو، بلڪ حڪومت يا ڪمپني جي طرف کان عطيو ۽ انعام هوندي آهي، تنهنڪري اها رقم وراثت جو مال ناهي بلڪ انهيءَ جو حق آهي جنهن جي نالي تي حڪومت يا ڪمپني جاري ڪري، ڪنهن هڪ وارث جي نالي تي جاري ڪري ته صرف اهو ئي حقدار هوندو (جيئن مرحوم جي گهر واري زنده هجي ته عام طور انهيءَ جي نالي تي جاري ڪئي ويندي آهي تنهنڪري اها ئي مالِڪ هوندي آهي) باقي وارثن جو ان ۾ ڪو حق ناهي ۽ جيڪڏهن بيواهه کان علاوه ڪجھ ٻين وارثن جي لاءِ به مخصوص رقم جاري ڪئي وڃي ته جيتري رقم جنهن ماڻهوءَ جي لاءِ جاري ڪئي وئي، اوتريءَ رقم جو اهو ئي ماڻهو مستحق هوندو ۽ جيڪو حقدار آهي قبضي کان بعد اهو ئي مالِڪ هوندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

ڪتبه

مفتي فضيل رضا عطاري

(2) تڪليف جي وجھ سان سجدي ۾ نڪ جي هڏي نه لڳائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ته منهنجي نڪ تي هڪ ڏاڦو (زخم) نڪتو آهي جيڪو ڪافي تڪليف ڏيندڙ آهي، ۽ خاص ڪري سجدي جي حالت ۾ نڪَ جي هڏي لڳائڻ تمام تڪليف جو باعث آهي، ته ڇا مان بنا نڪ جي هڏي لڳائڻ جي سجدو

ڪري سگهان ٿو، ان سان منهنجي نماز ٿي ويندي، پڻ ان تڪليف جي ڪارڻ جيڪي نمازون مان بنا نڪ جي هڏي لڳائڻ جي پڙهي چڪو آهيان انهن نمازن جو ڇا حڪم ٿيندو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ جڏهن ته توهان جي لاءِ سجدي ۾ نڪ جي هڏي لڳائڻ تڪليف جو باعث آهي، ته ان صورت ۾ سجدي ۾ نڪ جي هڏي لڳائڻ بغير به توهان جي نماز بنا ڪراهت جي ٿي ويندي ۽ جيتريون نمازون توهان ان تڪليف ۾ بنا نڪ جي هڏي لڳائڻ جي پڙهيون اهي به ٿي ويون، البت جڏهن ڪو عذر نه هجي ته نڪ جي هڏي زمين تي ڄمائڻ واجب آهي، ان جي بغير نماز مڪروهِ تحريمي ٿيندي، ان نماز ڪي موٽائي پڙهڻ واجب آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم

ڪتبه

مفتي فضيل رضا عطاري

(3) قراءت جي دوران امام صاحب کي لقمو ڏيڻ جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ته امام صاحب عشاء جي پهرين رڪعت ۾ سورهٔ القدر جي تلاوت ڪئي ۽ غلطيءَ سان ٻي آيت وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ ۝۲ ڇڏي ڏني، ۽ ان کان اڳيان قراءت ڪرڻ لڳو، نماز ۾ شريڪ، هڪ نابالغ حافظ صاحب لقمو ڏنو، امام صاحب لقمو وٺي ڪري غلطي درست ڪئي، ۽ نماز مڪمل ڪئي، هاڻي سوال هي آهي ته هتي لقمي ڏيڻ جو محل هو يا نه؟ ۽ نابالغ ڇوڪرو لقمو ڏئي سگهي ٿو؟

نوٽ: حافظ صاحب جي عمر يارهن سال آهي، ۽ هُو درست طريقي سان نماز جا افعال ادا ڪندا آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ آيت ڇڏڻ جي ڪري توڙي جو معنٰي ۾ ڪا خرابي پيدا نه ٿي، پر ڇو ته هي قراءت ۾ غلطي هئي، تنهنڪري هتي لقمو ڏيڻ ظاهر هئڻ جي ڪري درست هو، اهڙيءَ طرح لقمو ڏيڻ وارو نابالغ سمجهدار قريبُ البلوغ ڇوڪرو آهي، جڏهن نماز جا افعال درست طريقي سان ادا ڪري وٺي ٿو، ته ان جي لقمي ڏيڻ سبب به نماز ۾ ڪا خرابي پيدا نه ٿي. ۽ نماز درست ادا ٿي وئي. وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم

ڪتبه

مفتي فضيل رضا عطاري

(4) مَيت دفنائڻ جي لاءِ پراڻي قبر کوٽڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ

شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ته مان قبرون کوٽيندو آهيان، اسان وٽ ڪافي ماڻهو جڏهن قبر ٺهرائڻ جي لاءِ ايندا آهن ته هو پهريان فوت ٿيل ڪنهن مرحوم جي قبر وٽ قبر ٺاهڻ جي لاءِ چوندا آهن، هاڻي جڏهن اتي جڳهه موجود هوندي آهي ته اسان ٺاهي وٺندا آهيون ۽ ڪڏهن اتي جڳهه ناهي هوندي يا بلڪل معمولي جڳهه هوندي آهي ته جنهن ۾ نئين قبر ناهي ٺهي سگهندي ته ان صورت ۾ اهي چوندا آهن ته هي جيڪا پهريان ٺهيل قبر آهي هن کي ڪافي عرصو ٿي چڪو آهي، لاش ختم ٿي چڪو هوندو ته توهان هن ۾ ئي نئين قبر ٺاهيو ۽ جيڪڏهن ڪجهه جڳهه موجود هجي ته چوندا آهن باقي جڳهه ان قبر مان ٺاهي وٺو مطلب ته اهي پراڻي قبر کوٽڻ جو مطالبو ڪندا آهن ته ڇا انهن جي چوڻ تي اسان پراڻي قبر کوٽي سگهون ٿا يا نه؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

**کنهن مسلمان جي قبر بنا ضرورتِ** شرعي کوٽڻ، ناجائز ۽ گناهه آهي، توڙي جو قبر پراڻي هجي ۽ لاشَ جون هڏيون ڳري ويون هجن بلڪ ان جو سڄو جسم خاڪ ٿي چڪو هجي، ڇو جو ان ۾ ميت جي توهين ۽ تحقير آهي، جڏهن ته مسلمان ميت جي توهين حرام آهي ۽ صرف عزيزن جي ويجهو دفن ڪرڻ ڪا شرعي ضرورت ناهي جو جنهن جي ڪري ان ناجائز ڪم ڪرڻ جي اجازت ٿي سگهي تنهنڪري پڇيل صورت ۾انهن جو توهان کان هي مطالبو ڪرڻ ۽ توهان جو ان تي عمل ڪرڻ، ناجائز ۽ گناهه آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليهِ وآلهٖ وسلَّم

| |
|---|
| مجيب<br>محمد سعيد عطاري مدني |
| مصدق<br>مفتي فضيل رضا عطاري |

# خوابن جي دنيا

**پڙهندڙن طرفان موصول ٿيل چند چونڊيل خوابن جا تعبير**

**مولانا محمد اسد عطاري مدني**

**خواب**: مون خواب ۾ پاڻ کي قرآنِ پاڪ پڙهندي ڏٺو پڻ سورت فاتحه بہ لکيل ڏٺي، مهرباني ڪري هن جي تعبير ٻڌايو.

**تعبير**: قرآنِ مجيد فرقانِ حميد جي مجموعي تعبير تہ برڪت، نعمت، نيڪي جي سگهہ ٻين بہ ڪيئي خوشخبرين سان ڪئي ويندي آهي. البت مختلف سورتن ۽ ڪجهہ مخصوص آيتن جي تعبير مختلف ٿيندي آهي. سورت فاتحہ تلاوت ڪرڻ جي تعبير(خواب ۾ سورت فاتحہ جي تلاوت نہ ڪئي هئي بلڪ لکيل ڏٺي هئي؟ ڇا ٻنهي جي تعبير هڪ آهي؟) مريض جي لاءِ شفا ۽ حاجت مند جي لاءِ حاجت پوري ٿيڻ سان ڪئي ويندي آهي.

**خواب**: خواب ۾ اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه جون مزارون ڏسڻ جي ڇا تعبير آهي؟ نوٽ: اها خبر نٿي پوي تہ ڪهڙي بزرگ جي مزار آهي.

**تعبير**: مزاراتِ اولياء جو ڏسڻ برڪت جو باعث هوندو آهي ۽ صاحبِ مزار جي خاص نظرِ ڪرم جي دليل آهي. البت اولياءِ ڪرام جون خاص صفتون جنهن جو سندن ذات تي غلبو هوندو آهي انهن صفتن مان برڪت ملڻ بہ ان جي تعبير آهي.

**خواب**: مون خواب ۾ پنهنجي گهر ۾ مينهن جو ڦُر ۽ ڪوڙ ساريون ٻڪريون ڏٺيون آهن، هن جي ڇا تعبير ٿيندي؟

**تعبير**: هي چڱو خواب آهي، نعمت ۽ برڪت جي علامت آهي خاص ڪري جيڪڏهن رزق ۾ تنگي هئي تہ الله پاڪ دور فرمائي ڇڏيندو ۽ رزق ۾ ڪشادگي ٿيندي. پڻ گهر مان بي برڪتي دور ٿيڻ جي بہ علامت آهي.

**خواب**: ڏاڏي جي انتقال جي تقريبًا 3 مهينن کان بعد مون خواب ڏٺو تہ منهنجي گهر ۾ هڪ ڪارو پردو آهي جنهن جي پٺيان آواز اچي رهيو آهي اسان سڀ ان کي الله چئي پڪاري رهيا آهيون ۽ اهو



عرض ڪري رهيا آهيون تہ ڏاڏي ڪي واپسي موڪليو! پردي جي پنيان آواز اچي ٿو: اسان ٻانهي ڪي دنيا ۾ هڪ پيرو موڪليندا آهيون، سو هاڻي صبر ڪيو! پوءِ سڀئي گهر وارا خاموش ٿي وڃن ٿا ۽ ان جاءِ تان اٿي وڃن ٿا پر مان اتي ويهي اها ئي دعا ڪري رهيو آهيان، مون ڪي بہ اهو ئي جواب ملي رهيو هو پر مان مسلسل اها ئي دعا ڪري رهيو هئس تہ اي الله! ڏاڏي ڪي واپس موڪل، ان ڪان بعد پردي جي پنيان آواز اچي ٿو تہ وڃو! ان ڪي قبرستان مان وٺي اچو، تہ منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ ننڍو چاچو ان ڪي قبرستان مان وٺي ايندا آهن، جڏهن ڏاڏي ڪي وٺي آيا تہ هو نهايت ٿڪيل هو. مهرباني ڪري اهو ٻڌايو تہ هن جي چا تعبير ٿيندي ۽ پردي جي پنيان جو آواز ڇاجو آهي؟

**تعبير:** دنيا ڪان انتقال ڪرڻ واري جي باري ۾ هن سان ملندڙ جلندڙ خواب ڪيئي ماڻهو ڏسندا آهن، چو تہ قريبي رشتيدارن سان گهرو تعلق هوندو آهي سو انتقال ڪان بعد ڪجهہ عرصي تائين فوت ٿيلن ڪي ائين ڏسڻ هڪ عام ڳالهہ آهي. اوهان پنهنجي ڏاڏي لاءِ دعا ۽ ايصال ثواب جي ڪثرت ڪريو. خاص ڪري اهو غور ڪيو وڃي تہ انتقال ڪرڻ واري تي ڪنهن جو ڪو حق تہ ناهي، جيڪڏهن اهڙي صورت هجي تہ حق جي ادائيگي يا معافي جي ترڪيب ٻڌائي وڃي.



# صفر المظفر جا ڪجھ اھم واقعا

7 صفر المظفر 661 ھ يومِ عرس
مشھور وليُّ الله حضرت بھاءُ الدِّين زڪريا ملتاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ 1439، 1440ھ
۽ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "فيضانِ بھاءُ الدِّين زڪريا ملتاني" پڙھندا.

11 صفر المظفر 1385ھ يومِ وصال
اعلیٰ حضرت جا پوٽا، حضرت علامہ محمد ابراھيم رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1439ھ ۽ "دعوتِ اسلامي جي شب و روز" جي ويب ايڊيشن "134 خلفاءِ اعلیٰ حضرت" پڙھندا.

14 صفر المظفر 1165ھ يومِ عرس
سنڌ جا مشھور ولي ۽ صوفي ۽ شاعر حضرت شاه عبدُ اللطيف ڀٽائي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1440ھ پڙھندا.

17 صفر المظفر يومِ وصال
اميرِ اھلِ سنّت حضرت علامہ محمد الياس عطار قادري جي امڙ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1439ھ ۽
مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "تعارفِ اميرِ اھلسنّت، صفحو 15" پڙھندا.

20 صفر المظفر 465ھ يومِ وصال
حضور داتا گنج بخش، حضرت سيّد علي بن عثمان هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1439، 1440ھ ۽
مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "فيضانِ داتا علي هجويري" پڙھندا.

25 صفر المظفر 1340ھ يومِ وصال
اعلیٰ حضرت، امام اھلسنّت، مجددِ دين و ملّت امام احمد رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1439 کان 1443ھ ۽
خصوصي شمارو "فيضان امام اھلِ سنّت صفر المظفر 1440ھ" پڙھندا.

28 صفر المظفر 1034ھ يومِ وصال
حضرت مجدّدِ الفِ ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي حنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1439ھ ۽
مڪتبةُ المدينہ جو رسالو "تذڪرهءِ مجدّدِ الفِ ثاني" پڙھندا.

29 صفر المظفر 1356ھ يومِ وصال
تاجدارِ گولڙا شريف، حضرت علامہ پير سيّد مهر علي شاه گيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1442ھ ۽
مڪتبةُ المدينہ جو رسالو "فيضانِ پير مهر علي شاه" پڙھندا.

صفر المظفر 4 ھ شهداءِ بئر معونہ
70 صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ڪي بئر معونہ جي مقام تي نجد جي ڪافرن شهيد ڪري ڇڏيو
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1440 ۽
مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "سيرتِ مصطفیٰ، صفحو 294" پڙھندا.

صفر المظفر 7 ھ فتح خيبر
زمانہءِ رسالت ۾ 1600 صحابہ 20 هزار کان وڌيڪ ڪافرن جو مقابلو ڪيو، 15 صحابہ شهيد ٿيا ۽ الله پاڪ مسلمانن کي عظيم فتح عطا فرمائي.
وڌيڪ معلومات جي لاءِ
ماھنامہ فيضانِ مدينہ صفر المظفر 1439 ۽ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "سيرتِ مصطفیٰ، صفحو 380 کان 392" پڙھندا.

الله پاڪ جي انھن تي رحمت هجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
"ماھنامہ فيضانِ مدينہ" جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net ۽ موبائل ايپليڪيشن تي موجود آھن.

# پنهنجي بزرگن کي ياد رکو

**اهي بزرگانِ دين جن جو يومِ وصال/ عرس صفرُ المظفر ۾ آهي**

صفرُ المظفر اسلامي سال جو ٻيو مهينو آهي. ان ۾ جن صحابهٴ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس آهي، انهن منجهان 71 جو مختصر ذڪر ”ماهوار فيضانِ مدينہ“ صفرُ المظفر 1439ھ کان 1443ھ جي شمارن ۾ ٿي چڪو وڌيڪ 12 جو تعارف ملاحظ فرمائيندا:

**صحابهٴ ڪرام رضی اللہ عنھم:** شهداءِ سريۃ الرجيع: صفر 3 ھ ۾10 صحابهٴ ڪرام حضرت عاصم بن ثابت انصاري رضی اللہ عنہ جي اڳواڻيءَ ۾ مڪي جي ڪافرن جي معلومات جي لاءِ روانا ٿيا، جڏهن هي مقامِ رجيع تي پهتا تہ ٻہ سؤ تير هلائيندڙن انهن تي حملو ڪري ڏنو، ست اتي ئي شهيد ٿي ويا، ڪافرن ٽن (حضرت عبد الله بن طارق، حضرت زيد بن دثنہ ۽ حضرت خبيب بن عدي رضی اللہ عنھم) کي قيدي بڻائي ورتو، حضرت عبد الله رضی اللہ عنہ رستي ۾ شهيد ڪيا ويا ۽ حضرت خبيب ۽ حضرت زيد رضی اللہ عنھما کي مڪي جي ڪافرن جي هٿ وڪڻي ڇڏيو، مڪي جي ڪافرن 4 ھ ۾ محرمُ الحرام جي گذرڻ کان بعد ٻنهي کي هڪ ئي ڏينهن شهيد ڪري ڇڏيو.[1]

(1) حضرت عبيدُ الله بن عمر قريشي عدوي رضی اللہ عنہ اميرُ المؤمنين حضرت عمر فاروق جا پٽ، ڊگهي قد جا مالڪ، همت ۽ بهادري وارا ۽ قريش وارن ۾ عقلمندن مان هئا. نبوت جي زماني ۾ پيدا ٿيا، صحابهٴ ڪرام کان حديثون ٻڌيون، عراق جي فتح ٿيل جنگين ۾ شرڪت ڪئي، جنگِ صفين (صفر37 ھ) ۾ شهيد ٿيا.[2]

**اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیھم**

(2) شيخُ العُباد حضرت امام عبدُ الواحد بن زيد بصري رحمۃ اللہ علیہ جي ولادت بصره ۾ ٿي، ڪين ڪنيت ابو عبيده ۽ ابو الفضل آهي، پاڻ حضرت حسن بصري، حضرت عطاء بن ابي رباح ۽ امام اعظم رحمۃ اللہ علیھم جهڙن اڪابِرن جي صحبت ماڻي، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ



حديث جا راوي، بهترين خطيب ۽ طريقت جا پير ۽ عابد ۽ زاهد ڪثيرُ المجاهدات، مُستجابُ الدعوات، صائمُ الدهر ۽ قائمُ الليل هئا، سندن وصال 27 صفر 177ھ ۾ ٿيو ۽ تدفين بصره يا جنتُ المعلٰي مڪي پاڪ ۾ ٿئي.[3]

(3) صاحبزادهءِ اڪبر غوثُ الاعظم حضرت سيد عبدالله جيلاني رحمۃ اللہ علیہ جي ولادت 508ھ جو ٿي ۽ 18 صفر 587 ھ جو وصال فرمايو، سندن هڪ پٽ حضرت سيّد عبدالرحمٰن جيلاني هو جنهن جو وصال 26 محرم 614ھ جو ٿيو. حضور غوثُ الاعظم جو سڄو اولاد اڪابرِ علماء فقها ۽ اولياءِ ڪرام هئا.[4]

(4) حضرت سيّد شمسُ الدين عارف قادري رحمۃ اللہ علیہ جي ولادت حضرت سيّد ابو الحسن يحيٰي ڪبير رحمۃ اللہ علیہ وٽ 16 جمادي الاخرٰي 724ھ جو پشاور ۾ ٿي، سندن والد اڪابرِ گداءِ رحمٰن قادري رحمۃ اللہ علیہ جي خليفن مان هئا، ابتدائي تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪرڻ کان بعد مرشد ڪريم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويا، مجاهدات ۽ رياضات ڪرڻ کان بعد ڪوهِ جمون ۾ 17 رجب 774ھ جو سلسلہ قادريہ جي خلافت سان نوازيا ويا، سندن عقيدت مند ڪيئي ملڪن ۾ پکڙيل هئا، ماڻهو جسماني ۽ روحاني ٻنهي طرح جي مسئلن جي حل جي لاءِ سندن کان رجوع ڪندا هئا، بيمار ۽ اپاهج سندن فيضان سان صحت ياب ٿي ويندا هئا، پاڻ وقت جا قطب، قطب ارشاد ۽ قطبُ الاقطاب جي منصبن تي فائز هئا، پاڻ 6 صفر 804ھ جو وصال فرمايو، مزار مبارڪ ڪوهِ سليمان ۾ آهي.[5]

**علماءِ اسلام رحمۃ اللہ علیہم:**

(7) شيخُ القراء أندلس حضرت امام ابو جعفر احمد بن علي بن يحيٰي بن عون الله الحصّار رحمۃ اللہ علیہ اسپين جي تاريخي شهر دانيہ (*Denia*) جا رهاڪو هئا، سندن ولادت تقريباً 530 ھ ۾ ٿي، جيد عالمن کان اسلامي علوم حاصل ڪيا، پنهنجي شهر ۾ علمِ قراءت ۽ ٻيا اسلامي علوم پڙهائڻ ۾ مشغول ٿي ويا، ڪجھ عرصي کان بعد بلنسيہ (*Valencia*) شهر ۾ منتقل ٿيا ۽ پڙهائڻ لڳا، ڪيئي عالمن پاڻ کان فائدو حاصل ڪيو، پاڻ باعمل عالمِ دين، بهترين قاري ۽ تقوٰي ۽ خوفِ خدا جا پيڪر هئا، سندن وصال 3 صفر 609 ھ ۾ ٿيو.[6]

(8) قاضي المُسلمين حضرت امام شرفُ الدّين ابو العباس احمد بن حسين بن سليمان بن فزاره حنفي رحمۃ اللہ علیہ جي ولادت 691 ھ ۾ ٿي ۽ پاڻ 19 صفر 776ھ ۾ وصال فرمايو، پاڻ پنهنجي والد جا جليلُ القدر شاگرد هئا، ڏگهي عرصي تائين دمشق جا قاضي رهيا، پاڻ ڏينهن رات جو اڪثر حصو تدريس، قضا، افتا، عبادت ۽ تلاوتِ قرآن ۾ صَرف فرمائيندا هئا.[7]

(9) استادُ العلماء حضرت مولانا ميان محمد افضل علوي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي ولادت 1193ھ جو ميڪي ڍوڪ (ضلع اٽڪ) ۾ ٿي ۽ جهاد ڪندي 9 صفر 1251ھ جو فتح جنگ ۾ شهيد ٿيا، تدفين قبرستان شهيدان ميڪي ڍوڪ ۾ ٿي، پاڻ جيد عالِمِ دين، حديث، فقه ۽ منطق ۾ ماهر، پنجاب، سوات، قنڌار جا مرجع، همدردي ۽ خدمتِ خلق جا شوقين هئا، پير سيال حضرت خواجه شمس العارفين سندن جا مشهور شاگرد آهن.(8)

(10) نهايت ئي بهترين عالِم حضرت مولانا فيضي ميان قادري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي ولادت 1253ھ جو علائقي ڇڇه (تحصيل حضرو، ضلع اٽڪ) ۾ ٿي ۽ 15 صفر 1301ھ جو وصال فرمايو، پاڻ شارحِ بخاري حافظ دراز محمد احسن پشاوري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جا شاگرد، علومِ عقليه ۽ نقليه ۾ ماهر ۽ درسِ نظامي جا استاد هئا.(9)

(11) خليفهءِ اميرِ ملت حضرت مولانا ڪريم بخش قصوري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي ولادت 1214ھ ۽ وصال 10 صفر 1321ھ جو قصور ۾ ٿيو، پاڻ ديني ۽ دنياوي تعليم سان آراسته، ڪامل صوفي، صاحبِ ڪشف ۽ ڪرامت ۽ باعمل شخصيت جا مالِڪ هئا.(10)

(12) حضرت مولانا حشمت الله قادري رضوي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه اتر پرديش هند جا رهاڪو هئا، درسِ نظامي جا اڪثر ڪتاب خاتم الحڪماء مولانا هدايت الله خان ۽ ڪجھ ڪتاب رئيسُ المُتڪلمين مولانا نقي علي خان قادري رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡهِما کان پڙهيا، اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه کان سلسلي عاليه قادريه ۾ بيعت جو شرف ماڻيو، ديني تعليم کان بعد دنياوي تعليم حاصل ڪئي، اله آباد ۾ وڪالت شروع ڪئي، ڪيئي حڪومتي عهدن تي فائز رهيا، پاڻ جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿيندو هو جيڪي ديني ۽ دنياوي ٻنهي اعتبار سان معزز هئا، ٽن زبانن ۾ عربي فارسي ۽ انگريزي تي مهارت هئي، سندن وصال 19صفر 1338ھ جو ٿيو.(11)

---

1 ... سبل الهدیٰ والرشاد، 39/6، سیرت سیدالانبیاء، ص186

2 ... الاصابة فی تمییز الصحابة، 41/5، اسد الغابة، 545/3، تاریخ ابن عساکر، 56/38، 77

3 ... سیراعلام النبلاء، 137/7، تحفة الابرار،ص38

4 ... اتحاف الاکابر،ص365

5 ... تذکرہ مشائخ قادریہ فاضلیہ،ص107، 108

6 ... غایة النہایة فی طبقات القراء، 84/1، 85، سیراعلام النبلاء، 68/16، معرفة القراء الکبار علی طبقات الاعصار، 1152/3

7 ... الدرر الکامنة، 125/1، غایة النہایة فی طبقات القراء، 49/1، طبقات السنیة فی تراجم الحنفیة،338/1

8 ... فوزالمقال فی خلفائے سیال،19/1

9 ... تذکرہ علمائے اہلسنت ضلع اٹک،ص95

10 ... تذکرہ خلفائے امیرملت،ص28

11 ... ماہنامہ الرضا، بابت ماہ ربیع الاول 1338ھ، جلد1، شمارہ3، ص28

# تذڪرهءِ صالحين

**سوانح اعلي حضرت، اعلي حضرت جي زباني**

**مولانا حافظ حفيظ الرحمٰن عطاري مدني**



**امام اهلِ سنّت امام احمد رضا خان** رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ **جو وصال** 25 **صفر المظفر** 1340**ھ تي ٿيو، پاڻ** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **سان محبت، عقيدت ۽ تعارف رکڻ وارا مسلمانَ** 25 **صفر تي سندن عرس ملهائيندا آهن. اچو! انهيءَ مناسبت سان اسان بہ امامِ اهلِ سنّت جو ڪجھ ذڪر ڪريون ٿا، جيئن تہ هيٺ امام اهلِ سنّت جي ملفوظات ۽ تحريرن جي روشنيءَ ۾ مختصر حياتِ اعلٰي حضرت پيش ڪئي پئي وڃي.**

**پيدائش:** (منهنجي پيدائش) 10 شوال 1272ھ ڇنڇر جي ڏينهن تي ظهر جي وقت بمطابق 14 جون 1856ء تي ٿي.[1]

**اسمِ گرامي:** سندن نالو مبارڪ محمد آهي، ۽ سندن ڏاڏي احمد رضا چئي ڪري پڪاريو ۽ انهيءَ نالي سان مشهور ٿيا.[2]

**اندازِ تعليم:** (فرمائن ٿا:) منهنجا استاد جن ڪان مون ابتدائي ڪتاب پڙهيا، جڏهن مونکي سبق پڙهائي وٺندا ها، هڪ بہ پيرا ڏسي ڪري ڪتاب بند ڪري ڇڏيندو هيس، جڏهن سبق ٻڌندا ها تہ حرف بہ حرف لفظ بہ لفظ ٻڌائيندو هيس. روزانو هيءَ حالت ڏسي ڪري سخت تعجب ڪندا ها. هڪ ڏينهن مونکي فرمائڻ لڳا تہ احمد ميان! هي تہ ٻڌاءِ تون ماڻهو آهين يا جِن؟ جو مونکي پڙهائڻ ۾ دير لڳندي آهي پر توکي ياد ڪرڻ ۾ دير ناهي لڳندي! پاڻ فرمايائون تہ الله پاڪ جو شڪر آهي مان انسان ئي آهيان ها الله پاڪ جو فضل ۽ ڪرم شاملِ حال آهي.[3]

هڪ ڏينهن اعلٰي حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جن ارشاد فرمايو تہ ڪجھ اڻ واقف ماڻهو منهنجي نالي جي اڳيان حافظ لکي ڇڏين ٿا، حالانڪہ مان هن لقب جو اهل نہ آهيان (پوءِ فرمايائون:) مون ڪلامِ پاڪ ترتيب سان ڪوشش ڪري ياد ڪري ورتو ۽ هي ان ڪري جو انهن الله پاڪ جي ٻانهن جو (جيڪو منهنجي نالي جي اڳيان حافظ لکي ڇڏيندا آهن) چوڻ غلط ثابت نہ ٿئي،[4]

**سنِ فراغت ۽ فتوٰي نويسي:** مون جڏهن

پڙهڻ کان فراغت حاصل ڪئي ۽ منهنجو نالو فارغُ التحصيل علماء ۾ شمار ٿيڻ لڳو ته 14 شعبان 1286ھ تي افتاء جي منصب تي فائز ڪيو ويو ۽ انهيءَ تاريخ کان الحمدلله نماز فرض ٿي. منصبِ افتاء ملڻ وقت فقير جي عمر 13 سال ڏھ مهينا چئن ڏينهن جي هئي تڏهن کان هن وقت تائين مسلسل اها ئي خدمتِ دين ورتي پئي وڃي.[5]

**مدتِ تربيت:** (بد مذهبن جو رد ۽ فتوٰي نويسي بابت فرمائن ٿا): هي ٻئي اهڙا فن آهن جو طِب جيان هي به صرف پڙهڻ سان ناهن ايندا. انهن ۾ به هڪ طبيبِ حاذِق جي دوا خاني ۾ ويهڻ جي ضرورت آهي. مان به هڪ حاذِق طبيب (يعني ماهر استاد والدِ ماجد رئيسُ المُتکلمين مفتي نقي علي خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه) جي دواخاني ۾ ست سال وينس، مونکي اهو وقت، اهو ڏينهن، اها جڳهه، اهي مسئلا ۽ جتان اهي آيا هئا چڱي طرح ياد آهن.[6]

**شرفِ بيعت:** پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: مان منجهند جو سُتُس ته (خواب ۾) حضرت جدِّ امجد رَضِیَ اللہُ عَنْه تشريف کڻي آيا ۽ هڪ ننڍي صندوق عطا فرمائي ۽ فرمايائون جلد ئي اچڻ وارو آهي اهو شخص جيڪو توهان جي دردِ دل جي دوا ڪندو. ٻئي يا ٽئين ڏينهن حضرت مولانا عبد القادر رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه بدايون کان تشريف کڻي آيا ۽ پاڻ سان گڏ مارهره شريف وٺي ويا. اتي وڃي شاهه آلِ رسول مارهروي کان شرفِ بيعت حاصل ڪيو.[7]

**پهريون حج:** پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: پهرين ڀيري جي حاضري والدينِ ماجدَين رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْهما جي همراهيءَ ۾ ٿئي. ان وقت مونکي تيويهون سال هو.[8]

**ٻيو ۽ آخري حج:** مديني پاڪ جي ٻيهر حاضريءَ جي وقت منهنجي عمر ايڪونجاهه سال پنج مهينا هئي.[9]

**مڪي جي حرم ۾ امامت:** هن (ٻئي) ڀيري جي مديني جي حاضري ۾ مڪي جا وڏا وڏا حنفي عالم مولانا شيخ صالح ڪمال مفتي حنفيه ۽ مولانا سيد اسماعيل محافِظِ ڪتبِ حرم حنفي وقت تي پنهنجي جماعت ڪندا ها جنهن ۾ اهي اڪابِر هن فقير کي امامت تي مجبور فرمائيندا هئا.[10]

**ماءُ جي محبت:** (ٻئي حج جي لاءِ) وڃڻ وقت جنهن ٿانوَ ۾ مون وضو ڪيو هو، امڙ سائڻ ان جو پاڻي منهنجي واپسيءَ تائين نه هارڻ ڏنو هو اهو چوندي ته انهن جي وضوءَ جو پاڻي آهي.[11]

**اَعْداءُ الله کان نفرت:** الحمد لله مونکي ننڍپڻ ئي کان الله جي دشمنن کان نفرت آهي ۽ منهنجي پٽن پوٽن کي به الله پاڪ جي فضل سان الله جي دشمنن کان دشمني سُتيءَ ۾ پياري وئي آهي.[12]

**مال ۽ اولاد سان محبت جو معيار:** الحمدﷲ مون مال "مِنۡ حَيۡثُ هُوَ مَال" (يعني هن طور تي تہ اهو مال آهي) سان ڪڏهن بہ محبت نہ رکي صرف "اِنۡفَاق فِيۡ سَبِيۡلِ الله" (يعني راهہ خدا ۾ خرچ ڪرڻ) جي لاءِ ان سان محبت آهي. اهڙيءَ طرح اولاد "مِنۡ حَيۡثُ هُوَ اَوۡلَاد" (يعني هن طور تي تہ اهو اولاد آهي) سان بہ محبت نہ آهي، صرف هن سبب سان جو صلهءِ رحم نيڪ عمل آهي ان جو سبب اولاد آهي ۽ هي منهنجي اختياري ڳالهہ ناهي منهنجي طبيعت جو تقاضو آهي.[13]

**خدا ۽ محبوبِ خدا جي محبت:** الحمد ﷲ جيڪڏهن (منهنجي) قلب (دل) جا بہ ٽڪرا ڪيا وڃن تہ خدا جو قسم هڪ تي لکيل هوندو "لَا اِلٰهَ اِلَّا الله" ٻئي تي لکيل هوندو "مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم" [14]

**پنهنجي وفات جي خبر:** اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي وفات کان 4 مهينا 22 ڏينهن پهريان پنهنجي وفات جي خبر ڏئي ڪري سيپاري 29 سورةُ الدَّهر جي آيت 15 مان اِنتقال جو سال ڪڍي ڇڏيو هو. هن آيت شريف جي علمِ اَبۡجد جي حساب سان 1340 عدد بڻجن ٿا ۽ هيءَ ئي هجري سال جي اعتبار سان سنِ وفات آهي. اها آيت مبارڪ هي آهي: وَيُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِاٰنِيَةٍ مِّنۡ فِضَّةٍ وَّ اَكۡوَابٍ (سيپارو 29، سورةُ الدَّهر: آيت 15) [15]

**وفات شريف:** 25 صفر المظفر 1340ھ بمطابق 28 اڪتوبر 1921ء جو جمعةُ المبارڪ جي ڏينهن هندوستان جي وقت جي مطابق 2 لڳي 38 منٽ (۽ پاڪستاني وقت جي مطابق 2 لڳي 8 منٽ) تي، جمعي جي اذان جي وقت اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وصال فرمايو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مزارِ پُر انوار مدينةُ المُرشد بريلي شريف ۾ اڄ بہ عام ۽ خاص جي لاءِ زيارت گاهہ آهي.[16]

*تم کیا گئے کہ رونقِ محفل چلی گئی*

*شعر و ادب کی زُلف پریشاں ہے آج بھی*

---

1 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص63

2 ... تذکرہ امام احمد رضا،ص2

3 ... حیاتِ اعلیٰ حضرت 68/1، تذکرہ امام احمد رضا ،ص5

4 ... حیاتِ اعلیٰ حضرت،208/1

5 ... تذکرۂ جمیل ،ص101، حیاتِ اعلیٰ حضرت 279/1،280

6 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص141

7 ... ملفوظات اعلیٰ حضرت، ص412

8 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص181

9 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص205

10 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص84،حیاتِ اعلیٰ حضرت،399/1ملخصاً

11 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص183

12 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص410

13 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص497

14 ... ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص 411

15 ... سوانح امام احمد رضا ، ص384،وصایا شریف،ص25

16 ... تذکرہ امام احمد رضا،ص18

# نورالعلم

## دوزخ جا 7 طبقا (درجا)

محمد جاويد
عطاري مدني

الله پاڪ ڪافرن، مشرڪن، منافقن، گناهگارن ۽ ٻين مجرمن کي آخرت ۾ عذاب ۽ سزا ڏيڻ جي لاءِ جيڪو نهايت ئي خوفناڪ ۽ پوائتو مقام تيار ڪري رکيو آهي ان جو نالو "جهنّم" آهي ۽ انهيءَ کي اردو ۾ "دوزخ" بہ چوندا آهن.[1] هڪ قول موجب "دوزخ" ستين زمين جي هيٺان آهي.[2]

دوزخ جا ست طبقا (درجا) آهن، هر درجي وارن جي لاءِ مخصوص عذاب آهي. چيو وڃي ٿو تہ انهن ستن درجن کي انسان جي جسم جي ستن عضون جي مطابق بڻايو ويو آهي، ۽ اهي عضوا هي آهن: اک، ڪن، زبان، پيٽ، شرمگاهہ، هٿ ۽ پير. ڇو جو اهي ئي عضوا گناهن جو مرڪز آهن انهيءَ ڪري انهن جي اچڻ جا دروازا بہ ست آهن.[3]

دوزخ جي انهن ستن درجن جو ذڪر قرآنِ پاڪ ۾ هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

لَهَا سَبْعَةُ اَبْوَابٍؕ لِكُلِّ بَابٍ مِّنْهُمْ جُزْءٌ مَّقْسُوْمٌ۠ (۴۴)

ترجمو ڪنزالعرفان: ان جا ست دروازا آهن، هر دروازي جي لاءِ انهن مان هڪ هڪ حصو ورهايل آهي.[4]

آيتِ مبارڪ ۾ ستن دروازن مان مراد جهنّم جا ست طبقا (درجا) آهن جنهن جا نالا هي آهن: (1) جَهَنَّم (2) لَظٰی (3) حُطَمَه (4) سَعِيْر (5) سَقَر (6) جَحِيْم (7) هَاوِيَه.[5]

هن آيت جي معنٰي هي آهي تہ الله پاڪ ابليس جي پيروي ڪرڻ وارن کي ست حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي انهن مان هر هڪ جي لاءِ جهنّم جو هڪ درجو مُعَيَّن آهي. ان جي وجهہ هيءَ آهي تہ ڪفر جا درجا ڇو تہ مختلف آهن انڪري جهنّم ۾ بہ انهن جا درجا مختلف هوندا.[6]



ذکر ڪيل ستن نالن جون مختصر معنائون ۽ انهن جو قرآن ۾ تذڪرو پڙهو ۽ خوفِ خدا کان ڏڪو.

**(1) جَہَنَّم (نهايت ئي گهرائي (اونهائي)):** هن لفظ جو قرآنِ پاڪ ۾ 77 ڀيرا ذِڪر آيو آهي. قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي چيو ويندو:

قِيۡلَ ادۡخُلُوۡۤا اَبۡوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ۚ فَبِئۡسَ مَثۡوَى الۡمُتَكَبِّرِيۡنَ ﴿۷۲﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: چيو ويندو جهنم جي دروازن ۾ داخل ٿي وڃو، ان ۾ هميشه رهڻو آهي، سو متڪبرن جو ڪهڙو نه برو ٺڪاڻو آهي. (7)

**(2) لَظٰی (ڀڙڪندڙ باهه):** قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

كَلَّا ؕ اِنَّهَا لَظٰى ﴿۱۵﴾ نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى ﴿۱۶﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: هر گز نه، اها ته ڀڙڪندڙ باهه آهي کلَ ڇڪڻ واري سڌي رهي آهي. (8)

**(3) حُطَمَہ (ٽوڙڻ، ذرا ذرا ڪرڻ):** تفسيرِ جلالين، صفحي 506 تي لکيل آهي: حُطَمَہ اها آهي جنهن ۾ جيڪا به شيءِ وڌي وڃي اها ان کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي (يعني ذرا ذرا ڪري ڇڏيندي آهي). هي لفظ قرآنِ پاڪ ۾ ٻه ڀيرا ذڪر ڪيو ويو آهي. جن ڪافرن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ ڪجهه صحابه تي اعتراض ڪيا ۽ انهن جي غيبت ڪئي، انهن ڪافرن جي سزا جو قرآن ۾ هن طرح بيان آهي:

كَلَّا لَيُنۡۢبَذَنَّ فِى الۡحُطَمَةِ ﴿۴﴾ وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا الۡحُطَمَةُ ﴿۵﴾ نَارُ اللّٰهِ الۡمُوۡقَدَةُ ﴿۶﴾ الَّتِىۡ تَطَّلِعُ عَلَى الۡاَفۡـِٕدَةِ ﴿۷﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: هرگز نه، اهو ضرور ضرور ذرو ذرو ڪرڻ واريءَ ۾ اڇليو ويندو ۽ توکي ڪهڙي خبر جو اها ذرو ذرو ڪرڻ واري ڇا آهي؟ اها الله جي ڀڙڪايل باهه آهي. اها جيڪا دلين تي چڙهي ويندي. (9)

هن آيت ۾ ذڪر ڪيل حڪم هر غيبت ڪرڻ واري جي لاءِ عام آهي. (10)

**(4) سَعِيۡر (باهه جي ڀڙڪ يعني شعلو هڻڻ):** هي لفظ قرآن ۾ 16 ڀيرا بيان ڪيو ويو آهي. يتيمن جو مال ناحق کائڻ وارن جي بابت الله پاڪ ارشاد فرمايو:

اِنَّمَا يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ نَارًا ؕ وَسَيَصۡلَوۡنَ سَعِيۡرًا ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: اهي پنهنجي پيٽ ۾ بلڪل باهه ڀريندا آهن ۽ عنقريب اهي ماڻهو ڀڙڪندڙ باهه ۾ ويندا. (11)

**(5) سَقَر (باهه جي گرمي ۽ اذِيت):** هي نالو قرآن ۾ چئن مقامن تي آيو آهي. ڪافرن کي جهنم ۾ گِهليو وڃڻ جو هن طرح بيان ٿيو:

يَوۡمَ يُسۡحَبُوۡنَ فِى النَّارِ عَلٰى وُجُوۡهِهِمۡ ؕ ذُوۡقُوۡا مَسَّ سَقَرَ ﴿۴۸﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن اهي باهه ۾ پنهنجي چهرن پر گِهليا ويندا (فرمايو ويندو) دوزخ جي تپش چکو. (12)

**(6) جَحِيۡم (ڀڙڪندڙ باهه، نهايت ئي گرم):** هي لفظ قرآن ۾ 26 ڀيرا استعمال ٿيو آهي، ارشاد باري تعالیٰ آهي:

ثُمَّ اِنَّ مَرۡجِعَهُمۡ لَاۡاِلَى الۡجَحِيۡمِ ﴿۶۸﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ بيشڪ انهن جو موٽڻ ضرور ڀڙڪندڙ باهه ڏانهن آهي. (13)

(7) هَاوِيَه (کڏو): تفسيرِ قرطبي ۾ آهي:

هن کي هَاوِيَہ ان ڪري چوندا آهن جو جيڪو هن ۾ وڌو ويندو ان کي اونڌو ڪري اڇلايو ويندو. هي دوزخ جو سڀ کان هيٺائون طبقو آهي. [14] باطل جي پيروي ڪرڻ جي سبب جن جي نيڪين جو پُڙ هلڪو هوندو انهن جي بابت قرآن ۾ هن طرح بيان آهي:

وَاَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ﴿۸﴾ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ ﴿۹﴾ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا هِيَهْ ﴿۱۰﴾ نَارٌ حَامِيَةٌ ﴿۱۱﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بهرحال جنهن جا پُڙ هلڪا هوندا پوءِ ان جو ٺڪاڻو هاويہ ٿيندو ۽ توهان کي ڪهڙي خبر تہ اها ڇا آهي؟ هڪ شعلو هڻندڙ باهہ آهي. [15]

امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: پهريون طبقو(درجو) موحدين (الله پاڪ کي هڪ مڃڻ وارن) جي لاءِ (گناهن جي مطابق عذاب کان بعد هتان ڪڍيا ويندا)، ٻيو يهود، ٽيون نصارٰي (عيسائي)، چوٿون صائبين (تارن جي عبادت ڪرڻ وارن)، پنجون باهہ جي پوڄارين، ڇهون مشرڪن ۽ ستون منافقن جي لاءِ آهي. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنۡه کان مروي آهي تہ جهنّم جي هيٺ مٿي (تهہ مٿان تهہ) ست طبقا(درجا) آهن لهٰذا پهريان، پهريون ڀريو ويندو، پوءِ ٻيو، پوءِ ٽيون، اهڙيءَ طرح سڀ درجا ڀريا ويندا. وَالۡعِيَاذُ بِاللهِ! [16]

فجر ۽ مغرب جي نماز کان بعد جيڪو بہ ” اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّارِ “ (يعني اي الله! مونکي جهنّم کان بچاءِ) “ ست ڀيرا پڙهي. جيڪڏهن پڙهڻ واري جو ان ڏينهن يا رات ۾ انتِقال ٿي وڃي تہ الله پاڪ ان کي جهنّم کان محفوظ رکندو. [17]

الله پاڪ اسان کي عذابِ قبر، عذابِ قيامت ۽ دوزخ جي عذاب کان محفوظ فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دم
ترے خوف سے یا خُدا یا الٰہی
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی (18)

---

1 ... جہنم کے خطرات، ص15
2 ... شرح العقائد النسفية، ص249
3 ... مكاشفة القلوب، ص190
4 ... پ14، الحجر: 44
5 ... تفسير ابن كثير، 4/461، الحجر، تحت الآية: 44 ملخصاً
6 ... خازن، 3/103
7 ... پ24، الزمر: 72
8 ... پ29، المعارج: 15، 16
9 ... پ30، الهمزه: 4 تا 7
10 ... صراط الجنان، 10/822
11 ... پ4، النسآء: 10
12 ... پ27، القمر: 48
13 ... پ23، الصّٰفّٰت: 68
14 ... الجامع لاحكام القرآن، 10/120
15 ... پ30، القارعة: 8 تا 11
16 ... مكاشفة القلوب، ص190 ملتقطاً
17 ... ابوداؤد، 4/405، حديث: 5079 ملخصاً
18 ... وسائل بخشش (مرمم)، ص105۔

# عقيدهٔ ختم نبوت

## قاديانين جون چالبازيون

مولانا نواز عطاري مدني

انسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ ڪاميابي اسلام تي ثابت قدم رهڻ ۽ ان جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ آهي، دين اسلام جو مسلمّہ نظريو ۽ عقيدو اهو آهي تہ اسان جا پيارا نبي حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا آخري نبي آهن، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اچڻ کان پوءِ سندن دور ۾ بہ نہ ڪو نئون نبي اچي سگهي ٿو ۽ نہ ئي سندن ظاهري وفات کان پوءِ قيامت تائين ڪو نئون نبي ايندو. اسلام جا دشمن شروع کان وٺي اسلام، پيغمبرِ اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف مختلف سازشون ڪندا رهيا آهن ۽ اسلام کي ڪمزور ڪرڻ بلڪ مَعَاذَاللّٰہ ان کي جڙ کان ختم ڪرڻ جي لاءِ مختلف حربا استعمال ڪندا رهيا آهن، گذريل ڪجهہ عرصي کان انهن جي چالن مان هڪ چال ”قاديانيت“ کي فروغ ڏيڻ بہ آهي، بلڪ هڪ رپورٽ موجب سڄي دنيا ۾ اسلام ۽ مسلمانن خلاف جيڪا لابي تمام گهڻي سرگرم آهي اها قاديانين جي ئي لابي آهي، اهي ماڻهو مرزا غلام احمد قادياني کي نبي چون ٿا ۽ جيڪي مڃڻ وارا ساڻس گڏ هئا، تن کي صحابہ ۽ ان جي زالن کي ازواج مطهرات ۽ امهات المومنين سڏين ٿا. (استغفرالله العظيم،الامان و حفيظ) چڱيءَ طرح ياد رکو تہ قاديانيت اسلام جو ڪو فرقو يا گروهہ نہ آهي، پر هي خالص فتنو ئي فتنو آهي ۽ شر ئي شر آهي، حقيقت اها آهي تہ انهن جو انسانيت سان ڪو بہ تعلق ناهي، هي گروهہ جن طريقن ۽ سازشن سان مسلمانن کي ورغلائي ٿو انهن مان ڪجهہ هي آهن: ماڻهن کي ڪنهن بہ جاءِ تي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ، ڪاڏي پيتي جون سهولتون فراهم ڪرڻ، عوامي ڀلائي جا ڪم ڪرڻ، ماڻهن کي ڪاروبار ۽ مختلف مهانگن ملڪن جا ويزا وٺي ڏيڻ وغيره، شروع ۾ ان طرح جي مختلف نالن سان ماڻهن کي پنهنجي قريب ڪن ٿا، ۽ پوءِ انهن کي قاديانيت جي زهر سان ڀريل انجيڪشن لڳائي ٿا ڇڏين، جيئن تہ عام ماڻهن کي دين جي خبر نہ آهي، تنهن ڪري جيڪي ماڻهو هن ارتداد ۽ ڪفر ڏانهن وڃن ٿا، سي اڪثر دين کان بي خبر هوندا آهن، البتہ جيڪي ماڻهو دين کان واقف آهن ۽ اهي علماءِ حق جي صحبتن مان فيض وٺندڙ هوندا آهن، هو پنهنجي عقائد کان بہ واقف هوندا آهن، تنهن ڪري الله جي رحمت سان اهي قاديانين جي چال کان بچي ويندا آهن، ۽ انهن جي فريب کي چڱي طرح سڃاڻي بہ وٺندا آهن، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو دين کان بي خبر آهي ۽ ان ۾ دنياوي مال جي محبت غالب آهي تہ هو جلد ئي

ان فتني جو شڪار ٿي سگهي ٿو، ديني علم کان دوري ۽ مال جي محبت، اهي ٻئي شيون گڏجي انسان کي تباهه ڪن ٿيون.

ياد رکو! دين ۽ ايمان جو معاملو ايترو ته حساس (Sensitive) آهي جو ڪو به ماڻهو حالتِ اڪراهه جي بغير پنهنجو پاڻ کي عيسائي (ڪرسچن)، يهودي، قادياني يا ڪنهن ڪافر يا مرتد ٽولي جو ”فرد“ چورائي يا لکي يا لکرائي ٿو ته، شريعت اسلاميه جي مطابق ان تي حڪم ڪفر ئي لڳندو.

قرآن مجيد جي سيپاري 22 سورة الاحزاب جي آيت نمبر 40 ۾ اسان جي پياري نبي حضرت محمدِ عربي صلي الله عليہ وسلم جن کي واضح طور تي ”خاتم النبيين“ چيو ويو آهي. ڪثير احاديث ڪريمہ، پوري امت جي ڪيترن ئي محدثين، صحابہ ڪرام، تابعين ۽ فقهاء ڪرام جي قولن مان واضح ٿئي ٿو ته خاتم النبيين جو مطلب ”آخري نبي“ آهي، بلڪ حضور صلي الله عليہ وسلم جي ظاهري زندگي ۽ ان کان پوءِ اسلام جي پهرين خليفي جناب صديق اڪبر رضي الله عنہ جي خلافت ۾ سيني اصحابن جو ان معني تي عملي اجماع رهيو آهي، ۽ انهن لفظن جو ترجمو صحابہ ڪرام عليهم الرضوان کان وٺي اڄ تائين مسلمانن اهو ئي سمجهيو آهي، پر قادياني صحابہ ڪرام کان وٺي اڄ تائين سيني مسلمانن کي غلط سڏيندي، انهن لفظن جو اهڙو ترجمو ڪن ٿا جو اسلام جي پوري تاريخ ۾ ڪنهن به اهڙو ترجمو بيان نہ ڪيو آهي، نہ ئي هو عربي زبان ۽ عربي اسلوب سان مطابقت رکي ٿو، سڄي امت کي غلط قرار ڏئي ڪري قرآن پاڪ جي ڪنهن آيت جي نئين معنيٰ ۽ نئين تفسير آڻڻ ئي گمراهي ۽ ضلالت جو دروازو آهي، ان سبب وڏا وڏا فتنا پيدا ٿيا ۽ ٿيندا رهن ٿا، دنيا کي خبر آهي تہ مرزا قادياني نبي هئڻ جي دعويٰ ڪئي هئي، پر قاديانين جي هڪ چال اها بہ آهي تہ جڏهن ڪو اهڙو شخص جنهن کي دين اسلام جي ٿوري گهڻي ڄاڻ هجي انهن جي ويجهو اچي ٿو تہ اهي ماڻهو شروع شروع ۾ ان کي چون ٿا تہ مرزا صاحب نبي هئڻ جي دعويٰ نہ ڪئي هئي، هو تہ مجدد هو، مسيح هو، هو مسيح موعود هو،مهدي هو، ۽ پوءِ جڏهن بيعت ڪرڻ جو وقت اچي ٿو تہ ان وقت اهي ماڻهو ان کان بہ بيعت ۾ هي لفظ چورائيند ا آهن تہ ”مان مرزا کي مڃان ٿو ۽ جيڪو ان کي نٿو مڃي مان ان کي ڪافر سمجهان ٿو“. بلڪ خود مرزا ڪيترن هنڌن تي لکيو آهي تہ ”جيڪو مون کي نہ مڃي سو ڪافر آهي".انتهائي بدنصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي دنيا جي لالچ، پرڏيهي ويزا يا قوميت (Nationality) جي لالچ ۾ اچي دستاويزن ۾ پاڻ کي قادياني يا ڪنهن ٻئي مذهب وارو ظاهر ڪن ٿا ۽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڪفر جي لعنت وارو طوق وجهن ٿا.

اي عاشقان رسول! پنهنجي ايمان جي حفاظت لاءِ غور و فڪر ڪريو، منهنجي شيخ طريقت، امير اهل سنت دامت برڪاتهم العاليہ جو ڪتاب ” ڪفريه ڪلمات بابت سوال و جواب“ پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو، عقيدهٔ ختم نبوت جي تحفظ لاءِ پنهنجون ڪوششون تيز ڪريو، ان عقيدي کي پنهنجي اولاد، پنهنجي گهروارن ۽ جيسيتائين توهان کان ٿي سگهي ان کي خوش اسلوبي سان پهچايو .پنهنجي پياري ۽ آخري نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان پنهنجي محبت کي وڌايو، قاديانين جي چالبازين کان بچو، احاديث طيبہ موجب فتنن جو هي دروازو بند نہ ٿيندو، اڄ قاديانيت جو فتنو آهي، سڀاڻي ٻيو فتنو جنم وٺندو، تنهن ڪري عقيدي جي حوالي سان پنهنجي ۽ پنهنجي نسلن جي حفاظت ڪريو، ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺو، الله پاڪ اسان کي ۽ اسان جي نسلن کي هر قسم جي فتني کا محفوظ فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

## عورت مڙس جي وفات ڪان بعد عدت ڪاٿي گذاري؟

سيپٽمبر 2022ء



سوال: هن مسئلي جي باري ۾ ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا ۽ مفتي سڳورا ته منهنجي پٽ (محمد طارق) جو انتقال 22 مارچ 2022ء تي ڪراچي ۾ ٿيو هو، اُن جي تدفين خانيوال پنجاب ۾ ڪئي وئي. منهنجي نُنهن جو تعلق ڪراچي سان ئي آهي، اها ميت سان گڏ خانيوال اچي وئي هئي، هاڻي اها عدت جا باقي ڏينهن پنهنجي ماءُ وٽ گذارڻ چاهي ٿي ڇوته ان جي هڪ ننڍڙي ڌيءَ آهي جيڪا ان ڪان سواءِ رهي نٿي سگهي ۽ ٻارڙي جي پڙهائي جو به مسئلو آهي. ٻارڙي ڪراچي ۾ ئي نانيءَ وٽ آهي. معلوم اهو ڪرڻو آهي ته سوا مهيني جي ختم ٿيڻ ڪان بعد باقي عدت پنهنجي ماءُ جي گهر ڪراچي ۾ گذاري سگهي ٿي يا نه؟ ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن عورت ڪجهه قدم جنازي سان هلي ته ان کي پوري عدت گذارڻ لازم ناهي، جڏهن ته منهنجي نُنهن به ميت سان گڏ ڪراچي ڪان خانيوال آئي آهي پوءِ ڇا ان کي به پوري عدت گذارڻي پوندي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ اوهان جي نُنهن جو عدت ۾ سفر ڪري خانيوال اچڻ ئي ناجائز

ءِ حرام هو ان تي توبہ فرض آهي جو تہ ان کي ڪراچي ۾ انهيءَ گهر ۾ عدت گذارڻ ضروري هو جنهن گهر ۾ هوءَ مڙس سان گڏ رهندي هئي، هاڻي جڏهن غلطي ڪري ويٺي آهي تہ حڪم اهو ئي آهي تہ اتي ئي خانيوال ۾ چار مهينا ڏهہ ڏينهن(يعني پورا 130 ڏينهن) عدت پوري ڪري، جيستائين عدت پوري نہ ٿي وڃي، ان وقت تائين ان جو سفر ڪرڻ ءِ پنهنجي ماءُ جي گهر وڃڻ جائز ناهي.

جيئن سفر ۾ ڪنهن جي مڙس جو انتقال ٿي وڃي ءِ جنهن جڳهہ انتقال ٿيو اهو شهر آهي اتان کان واپس پنهنجي مڙس جي گهر جو مقام مسافت سفر جيترو آهي تہ عورت کي اتي ئي شهر ۾ عدت گذارڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي پلي اها اتان کان محرم سان گڏ واپس اچڻ تي قادر هجي. اهڙي طرح سوال ڪيل صورت ۾ عورت جي لاءِ اهو ئي حڪم آهي اتي ئي شهر(خانيوال) ۾ عدت پوري ڪرڻ کان بعد ڪنهن محرم سان ڪراچي اچي.

غور طلب: عورت جو جنازي سان هلڻ ءِ عدت ختم ٿيڻ واريون ڳالهيون بلڪل غلط آهن، انهن جي ڪا حقيقت ناهي. عدت گذارڻ فرض آهي، هر صورت ۾ عدت پوري ڪرڻي پوندي. جيڪي ماڻهو هن طرح جون ڳالهيون ڪن ٿا، اهي گنهگار آهن، انهن تي ان ڪري توبهہ بہ ضروري آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مجيب**
محمد سعيد عطاري مدني

**مصدق**
مفتي فضيل رضا عطاري





# آخر درست ڇا آهي؟

طلاق جا مرحلا ۽ عورت تي اسلام جا احسان

مفتي محمد قاسم عطّاري

طلاق جي مرحلن جي تفصيل سان گڏ هاڻي عورتن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ جي حوالي سان دينِ اسلام جي انهن تاڪيدن ۽ احڪامن تي هڪ نظر وجهون ته خبر پوندي ته ڪنهن ڪنهن انداز ۾ عورت جي رعايت ۽ ان جي حقن جي حفاظت ڪئي وئي آهي.

جيئن هڪ حڪم ته اهو ڏنو ويو ته مڙس کي ٻن طلاقن تائين رجوع جو اختيار آهي ۽ جيئن ئي اهو ٽئين طلاق ڏيندو آهي، ان جي رجوع وارو حق ختم ٿي ويندو آهي ۽ عورت پنهنجي فيصلي ۾ آزاد ٿي ويندي آهي. هاڻي هن سان گڏ وڏيڪ فرمايو ويو ته زال کي رکڻ يا ڇڏڻ جي حوالي سان توهان وٽ ٻه رستا آهن. پهريون هي ته سٺي، اعليٰ ۽ رَهڻ سَهڻ جي چڱي اصولن مطابق ان کي ٻيهر پنهنجي زوجيت ۾ رکو ۽ ٻيو اهو ته سٺي نموني سان ڇڏي ڏيو. سُبۡحٰنَ اللّٰه! ڪهڙي نه خوبصورت تعليم آهي جو هر صورت ۾ زال سان سٺو ورتاءُ ئي ڪيو.

طلاق ۽ رجوع جي موقعي تي ڪجهه ماڻهو نهايت ڪميڻگي جو مظاهرو ڪندا آهن جو هڪ يا ٻن طلاقن کان بعد رجوع ڪري زال کي نڪاح ۾ روڪي رکندا آهن، ته جيئن ان تي ظلم ۽ زيادتي ڪن، ان کي گهڻو ستائين، ان جي زندگي تباهه ڪن ۽ ان جي ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀائرن کي وڌيڪ تنگ ڪن. قرآنِ پاڪ جي ڏَس مطابق هي شيطاني حرڪتون، خدا جي حدن کي ٽوڙڻ وارا برا ڪم آهن. جڏهن الله تعالٰي هيءَ حد مقرر ڪئي آهي ته عورت تي ظلم ناهي ڪرڻو، بلڪ ان کي سٺي طريقي سان رکڻو آهي، ته هن حڪم ۽ حد بندي جي باوجود مڙس جو زال کي ستائڻ، خدا جي حدن کي پامال ڪرڻ آهي، ڇوته خدا جو فيصلو ۽ طئي ڪيل حد هيءَ آهي ته جيڪڏهن رکڻو آهي ته بغير تڪليف ڏيندي "بِمَعۡرُوۡفٍ" يعني سٺي طريقي سان رکو ۽ جيڪڏهن ڇڏڻو ئي آهي ته ظلم ۽ زيادتي ۽ طعني مِهڻي جي بغير "بِاِحۡسَانٍ" يعني احسان ڪندي ڇڏيو ۽

جيستائين عورتن کي تڪليف ڏيڻ جي لاءِ زَوّجيَّت ۾ رکڻ جو تعلق آهي ته ان جي باري ۾ ٿورو ربُّ العالمين جو غضب ۽ جلال ملاحظ فرمايو، سورت البقره ۾ فرمايو:

وَ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۪ وَ لَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَ مَنْ یَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ وَ لَا تَتَّخِذُوْۤا اٰیٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ٘ وَّ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَیْكُمْ وَ مَاۤ اَنْزَلَ عَلَیْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَ الْحِكْمَةِ یَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمٌ ﴿۲۳۱﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيو ۽ اهي پنهنجي (عدت جي آخري) مدت (جي ويجهو) تائين پهچي وڃن پوءِ ان وقت انهن کي چڱي طريقي سان روڪيو يا چڱي طريقي سان ڇڏي ڏيو ۽ انهن کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ نه روڪي رکو ته جيئن توهان (انهن تي)زيادتي ڪيو ۽ جيڪو ائين ڪري ته ان پنهنجي جان تي ظلم ڪيو ۽ الله جي آيتن کي مذاق مسخري نه بڻايو ۽ پنهنجي مٿان الله جو احسان ياد ڪريو ۽ ان توهان تي جيڪو ڪتاب ۽ حڪمت لاٿو آهي(ان کي ياد ڪيو) ان جي ذريعي اهو توهان کي نصيحت فرمائي ٿو ۽ الله کان ڊڄندا رهو ۽ ڄاڻو ته الله سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي.

(پ2، البقرة :231)

الله اڪبر، حقيقت هي آهي ته هن آيت ۾ بيان ڪيل زال جي حقن جي رعايت ۽ تاڪيد و سختي تي جيڪڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ به لکيو وڃي ته گهٽ آهي جو الله پاڪ ڪهڙي نه تاڪيد سان هتي عورتن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم ۽ انهن کي تڪليف ڏيڻ کان منع فرمايو آهي، جيئن فرمايو ته جڏهن عورتن کي طلاق ڏئي ڇڏيو ۽ انهن جي عدت ختم ٿيڻ لڳي، ته چڱي طريقي سان رکي وٺو يا چڱي طريقي سان ڇڏي ڏيو. اهو هرگز حلال ناهي ته زال کي تڪليف ڏيڻ ۽ نقصان پهچائڻ جي شيطاني نيت سان رجوع ڪيو ۽ هن بري نيت سان انهن کي پاڻ وٽ روڪيو ته”هاڻي مان هنن کي ٿورو ٻڌايان ٿو ته مان ڪهڙي شيءِ آهيان ۽ هاڻي مان انهن کان توبهون ڪرائي ۽ پيرين پارائي پوءِ ڇڏيندس“ الله پاڪ فرمايو ته ائين زيادتي نه ڪيو، ڇو ته زال تي زيادتي حقيقت ۾ پنهنجي جان تي ظلم آهي ڇو ته خدائي احڪامن جي خلاف ورزي ڪري مڙس پاڻ کي جهنم جو مستحق بڻائي پنهنجي مٿان ظلم ڪري رهيو آهي.

وري الله پاڪ فرمايو ته” ۽ الله جي آيتن کي مذاق مسخري نه بڻايو“ يعني عورتن سان برو ورتاءُ، ايذاء ۽ زيادتي ۽

انهن کي نقصان پهچائڻ الله جي آيتن سان مذاق مسخري ڪرڻ آهي، ڇوته خدا ته هي زالون توهان جي لاءِ حلال ڪيون، ۽ انهن جا حق پورا ڪرڻ جو حڪم ڏنو، انهن سان شفقت ۽ پيار محبت سان پيش اچڻ جي تاڪيد فرمائي، انهن سان سني رهڻي سهڻي ۽ عفو و درگذر وارو ورتاءُ اختيار ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو پر توهان هن زوجيت واري رشتي، زال ۽ ان جي متعلق احڪام ڇڏي ڪري پنهنجي غرور، ضد ۽ انا جي وهڪري ۾ وهي زالن تي ظلم جو رستو اختيار ڪيو ته اهو خدائي حدود کي پامال ڪرڻ ۽ خدا جي آيتن جو مذاق بڻائڻ جي برابر آهي.

وري الله پاڪ فرمايو ته پنهنجي مٿان الله جو احسان ياد ڪريو جو توهان نڪاح جي وقت ايجاب ۽ قبول جو هڪ جملو ڳالهائيندا آهيو ۽ خدا توهان جي لاءِ هي عورتون حلال ڪري ڇڏيندو آهي، جو نڪاح ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ ڪهڙو جبل ڪوٽڻو پوندو آهي؟ صرف ڪجهه جملا آهن، جنهن جي سبب خدا توهان جي لاءِ ان شيءِ کي حلال ڪري ڇڏيندو آهي. اهو الله پاڪ جو احسان ناهي ته ٻيو ڇا آهي.؟

وري الله پاڪ فرمايو ته الله جو اهو احسان به ياد ڪيو ته الله توهان تي ڪتاب ۽ حڪمت لاٿي جنهن ۾ توهان کي خوشگوار زندگي گذارڻ جو طريقو ٻڌايو، وري فرمايو ويو ته انهن سيني هدايتن کي معمولي نه سمجهو ڇوته اهي سڄي ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ ۽ احڪم الحاڪين جي طرف کان نصيحتون آهن جيڪي هو پنهنجي ٻانهن تي رحمت فرمائيندي ڪندو آهي. وڌيڪ فرمايو ويو ته الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻي وٺو ته الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو. تنهنڪري ائين هرگز ناهي ته توهان عورتن تي ظلم ڪيو، انهن کي تنگ ڪيو، پريشان ڪيو ۽ وري اهو سمجهو ته مون کان ڪير پڇڻ وارو ناهي ۽ مان مفت جو فرعون بڻيو وتان، مان جيڪو چاهيان ڪيان، مان جيئن چاهيان زال تي ظلم ڪيان، ان کي تنگ ڪيان، گهر واري جي والدين کي گهٽي ۾ بدنام ڪيان ۽ ڏک پهچايان، نه نه! فرمايو ويو: الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو ۽ هو توهان کان توهان جي هر هر عمل ۽ هر هر حرڪت جو حساب وٺندو.

هاڻي دينِ اسلام جي تعليمات ۾ طلاق جو اڳيون مرحلو ملاحظ ڪيو ته جيڪڏهن بالآخر زال مڙس ۾ يقيني جدائي ٿي وڃي ته عام طور ڏنو اهو ويندو آهي ته مڙس گهٽ ظرفي ۽ ڪميڻگي جو مظاهرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن جون ڪيئي صورتون هونديون آهن پر دينِ اسلام هتي به عورت جي حمايت ڪئي ۽ ٻڌايو ته طلاق کان بعد به مڙس تي زال جا حق باقي آهن ۽ اهي هي ته مڙس کي

حڪم آهي ته زال سان ڪميٽائپ وارو مظاهرو نه ڪري، بلڪ عزت وارو سنو رَويو اختيار ڪري جنهن جي هڪ واجب صورت هي آهي ته مڙس زوجيت واري حالت ۾ جيڪي زال کي تحفا ڏنا هجن اهي ان کان واپس نه گهري، اهو حرام آهي جيئن ته فرمايو ويو: ”۽ توهان جي لاءِ جائز ناهي ته توهان جيڪو ڪجهه عورتن کي ڏنو هجي انهن مان ڪجهه واپس وٺو“ يعني ائين نه ٿئي جو طلاق کان پوءِ مڙس حساب ڪتاب ڪرڻ شروع ڪري ڏي ته شادي تي اسان جو هيترو خرچ ٿيو هو، فلاڻي موقعي تي اسان هيتري رقم خرچ ڪئي هئي، فلاڻي موقعي تي زال کي هي تحفو ڏنو هو، تنهنڪري اها سڄي رقم زال يا ان جا گهروارا اسان کي ڏين. مڙس کي حڪم ڏنو ويو آهي ته اهي حرڪتون نه ڪري ۽ هي ان جي لاءِ هرگز جائز ناهي، بلڪ مڙس جيڪو ڪجهه زال کي ڏئي ڇڏيو، اهو هاڻي زال جو آهي، مڙس کي ان مان ڪجهه به وٺڻ حلال ناهي.

دينِ اسلام جي هنن احڪامن کي ٿورو دل سان پڙهو ۽ غور ڪيو ته جڏهن طلاق جهڙي جدائي جي مرحلي ۾ دين اسلام وک وک تي عورتن جي حقن جي رعايت ايتري زبردست انداز ۾ ڪري ٿو ته عام زندگي ۾ عورتن سان حسنِ سلوڪ جي ڪهڙي خوبصورت تعليم ۽ تاڪيد هوندي.





# اسلامي عورت

## خواتين (عورتن) کي
## امامِ اهلِ سنّت جون نصيحتون

اُمِّ ميلاد عطّاريه

25 صفر المظفر جي ڏينهن کي عاشقانِ رسول هڪ اهڙي شخصيت جي نالي سان ياد رکن ٿا جن چوڏهين صدي هجري ۾ دينِ اسلام جي خاطر خوب جدوجهد ڪئي، عقائد جي حفاظت ۽ اعمال جي اصلاح ۾ پنهنجو تمام گهڻو وقت ڏنو. هي شخصيت اعلٰي حضرت، مجددِ دين و ملّت، امام اهلِ سنّت، شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ ذات آهي. ڪنزالايمان نالي شهرهٔ آفاق ترجمهٔ قرآن، حدائق بخشش نالي نعتيه ديوان ۽ تقريباً 30 جلدن تي مشتمل فتاوٰي رضويه سميت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عربي، فارسي ۽ اردو ۾ تقريباً 1000 ڪتابَ تصنيف فرمايا. 25 صفرالمظفر 1340 هجري ۾ علم ۽ حڪمت ۽ عشق ۽ محبت جو هي سج هن دنيا مان لهي ويو.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ملفوظات زندگيءَ جي هر طبقي سان تعلق رکڻ واري شخص جي لاءِ علم ۽ حڪمت ۽ وعظ ۽ نصيحت جا موتي آهن. سندن تصنيفن ۾ جڳهه جڳهه تي اسلامي ڀينرن جي لاءِ به نصيحتون پڻ موجود آهن، هن مضمون ۾ فتاوٰي رضويه مان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪجهه نصيحتون گڏ ڪيون ويون آهن، ملاحظ ڪريو!

چوڙيءَ واري کان چوڙيون پارائڻ ڪنهن پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کان سوال ڪيو ته عورتن جو چوڙي واري کي گهرائي ڪري پردي مان هٿ ڪڍي ڪري چوڙيءَ واري جي هٿ ۾ ڏئي ڪري چوڙيون پارائڻ ڪيئن؟

ته ان جي جواب ۾ پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمايو: ”حرام حرام حرام آهي. هٿ ڏيکارڻ غير مرد کي حرام آهي. ان جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ حرام آهي.“ (1)

عورتن جي نعت خواني جڏهن پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کان سوال ڪيو ويو ته عورتن جو هن طرح ميلاد شريف پڙهڻ جو آواز ٻاهر تائين ٻڌڻ ۾ اچي، جائز آهي يا نه؟ ته پاڻ جواباً ارشاد فرمايائون: ”ناجائز آهي جو عورت جو آواز به عورت (يعني لڪائڻ جي شيءِ) آهي ۽ عورت جي خوش اِلحاني (سريلو آواز) جيڪڏهن اجنبي ٻڌي ته فتني جو انديشو آهي.“ (2)

انڌي کان پردو اَنڌي کان پردو ايئن ئي آهي جيئن اک واري کان ۽ ان جو گهر ۾ وڃڻ، عورتن وٽ ويهڻ ايئن ئي آهي جيئن اک واري جو. (3)

عورتن جو مزارن تي وڃڻ: عورتن کي اولياءِ ڪرام جي مزارن تي ۽ عوام جي قبرن تي وڃڻ جي ممانعت آهي. (4)

استطاعت جي باوجود زيور نه پائڻ عورتن جو قدرت هئڻ جي باوجود بِالڪُل بي زيور رهڻ مڪروه آهي جو مردن سان تشبيه (يعني مشابهت) آهي حديثِ پاڪ ۾ آهي: كَانَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يَكْرَهُ تَعَطُّرَ النِّسَاءِ وَتَشَبُّهَهُنَّ بِالرِّجَالِ (5) ترجمو: حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ عورتن جي تعطر (يعني بي زيور رهڻ) کي ۽ مردن سان مشابهت رکڻ وارين عورتن کي ناپسند فرمائيندا هئا. (6)

محترم اسلامي ڀينرون! اعلىٰ حضرت جي سيرت ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪنديون رهو ۽ پاڻ کي تعليماتِ رضا تي ثابت قدم رکو! الله ڪريم اسان کي امامِ اهلسنّت جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

---

1. فتاویٰ رضویہ، 247/22
2. فتاویٰ رضویہ، 240/22
3. فتاویٰ رضویہ، 235/22
4. فتاویٰ رضویہ، 536/9
5. النہایہ فی غریب الحدیث والاثر، 232/3
6. فتاویٰ رضویہ، 127/22



# TIME MANAGEMENT

## نظامُ الاوقات جي اهميت (پنجين ۽ آخري قسط)

مولانا آصف اقبال عطاري مدني

اسان هن ڪائنات کي ڏسون ٿا ته هڪ عظيم نظام ڏسي ڪري عقل دنگ رهجي وڃي ٿو، اسان کي هر شيءِ وقت سان جڙيل نظر اچي ٿي. چنڊ جون منزلون هجن يا سج جو لهڻ ۽ اُڀرڻ، رات جو اچڻ وڃڻ هجي يا ڏينهن جي شروعات يا اختتام تمام شيون جتي خدا جي وجود جي خبر ڏين ٿيون اتي وقت جي ترتيب جي ضرورت ۽ اهميت کي اُجاگر پڻ ڪن ٿيون. الله پاڪ فرمائي ٿو:

لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِيْ لَهَاۤ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَ لَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِؕ وَ كُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿۴۰﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** سج کي مجال ناهي جو چنڊ کي پڪڙي ۽ نه رات ڏينهن تي اڳرائي ڪندڙ آهي ۽ هر هڪ، دائري ۾ تري رهيو آهي.[1]

يعني سج ۽ چنڊ مان هر هڪ جي ظاهر ٿيڻ جي لاءِ هڪ وقت مقرر ٿيل آهي، سج جي لاءِ ڏينهن ۽ چنڊ جي لاءِ رات. رات ۽ ڏينهن ٻئي معيَّن حساب سان اچن وڃن ٿا ، ڪير به انهن مان پنهنجي وقت کان پهريان ناهي ايندو.[2]

الله پاڪ ڏينهن ۽ رات بابت فرمائي ٿو:

وَ مِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۳﴾

**ترجموڪنزالعرفان:** ۽ ان پنهنجي رحمت سان توهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن ٺاهيا جو رات ۾ آرام ڪريو ۽ ڏينهن ۾ ان جو فضل تلاش ڪريو ۽ ته جيئن توهان (ان جو) شڪر ادا ڪريو.[3]

هن مان معلوم ٿيو ته ڪمائي جي لاءِ ڏينهن ۽ آرام جي لاءِ رات مقرر ڪرڻ بهتر آهي. رات جو بنا سبب جي نه جاڳي، ڏينهن ۾ بيڪار نه رهي، جيڪڏهن معذوري (يعني مجبوري) جي ڪري ڏينهن جو سمهي ۽

رات جو ڪمائي تہ حرج ناهي جيئن رات جي نوڪرين وارا ملازم وغيره.[4]

قرآنِ ڪريم کان علاوه حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شيڊول مان بہ وقت جي ورهاست جي اهميت واضح ٿئي ٿي جيئن تہ پوئينءَ قسط ۾ گذري چڪو آهي، پوءِ اسان ڏسندا آهيون تہ اڪثر بنيادي عبادتن جو بہ وقت مقرر آهي، نماز، روزا، حج، زڪوات، قرباني وغيره سڀني ۾ وقتن جي ورهاست پاتي ويندي آهي. ان ۾ اسان جي لاءِ هي سبق آهي تہ اسان بہ وقت کي ترتيب ڏيون ۽ شيڊول ٺاهي ڪري زندگي گذاريون. اڄ ڪوڙ ماڻهو وقت جي گهٽتائي ۽ مصروفيات جي گهڻائي جي هيئن شڪايت ڪندي نظر ايندا آهن تہ ”اڄڪلهہ تہ مصروفيتون ايتريون وڌي ويون آهن جو جيڪڏهن ڏينهن رات جا 24 ڪلاڪ بہ ڪم ۾ لڳايون تڏهن بہ ڪم پورو ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي.“ پر هي بہ هڪ حقيقت آهي تہ ٻئي پاسي اهڙا ماڻهو پڻ ملندا جيڪي انهن ئي 24 ڪلاڪن ۾ پنهنجي روزانو جي تمام ڪاروباري، دفتري، گهريلو ۽ ديني مصروفيات کي نہ صرف پورو ڪندا آهن بلڪ انهن جي زندگي ۾ ڪا پريشاني بہ نظر ناهي ايندي. اصل ۾ هي وقت جي ورهاست جو ڪمال ۽ برڪت آهي،

## نظام الاوقات جا اصول:

ڪجهہ اصول اهڙا آهن جو جيڪڏهن اسان انهن کي اپنايون تہ اسان پنهنجي اوقات کي ترتيب ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين ۽ ذهني مونجهاري کان نجات حاصل ڪري وٺنداسين، نظام الاوقات جا اهي اصول هيٺ ذڪر ڪيا پيا وڃن:

(1) پنهنجي ڪمن ۾ سنجيدگي کي اپنايو، ان جي اهميت کان ڪو بہ عقلمند انڪار نہ ٿو ڪري سگهي (2) مناسب منصوبہ بندي (Planning) ڪريو تہ ڪهڙي وقت ۾ ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي؟ نہ تہ بنا ترتيب سان جتي ڪم صحيح ناهي ٿي سگهندو اتي تمام گهڻو وقت بہ ضايع ٿي ويندو آهي (3) هڪ وقت ۾ هڪ ڪم ڪيو وڃي، ڇو جو ٽائيم مينيجمنٽ جو هڪ بنيادي اصول آهي تہ هڪ وقت ۾ هڪ ڪم تي توجهہ ڏني وڃي تہ ان کي بهتر ۽ تيزيءَ سان سر انجام ڏئي سگهجي ٿو (4) هر ڪم پورو ڪرڻ جو هڪ وقت مقرر ڪيو وڃي يعني هدف ناهي ڪري ڪم ڪيو وڃي تہ ”مونکي هيترن منٽن/ ڪلاڪن/ ڏينهن/ مهينن يا سالن ۾ هي ڪم مڪمل ڪرڻو آهي.“ پر ان وقت ۾ ايتري لچڪ ضرور هجي جو اهو ڪم ان وقت ۾ پورو ٿي سگهي. خلاصو هي آهي تہ نظامُ الاوقات مقرر ڪندي ڪم جي

نوعيت ۽ ڪيفيت کي لازمي پيش نظر رکو (5) ڪڏهن ڪڏهن هڪ وقت ۾ ٻه ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهجن ٿا تنهنڪري اهڙي وقت کي هٿ مان وڃڻ نه ڏيڻ گهرجي جيئن ڊرائيونگ ڪندي/ آفس ايندي/ ورزش ڪندي وقت پنهنجي موبائل مان تلاوت ۽ ترجمو ٻڌي سگهو ٿا، اوراد و وظائف پڙهي سگهو ٿا، ذڪر ۽ درود ڪري سگهو ٿا يا ڪو بيان يا نعت ٻڌي سگهو ٿا (6) ايندڙ صبح جو اهم ترين ڪم اڄ ئي سوچي وٺو ۽ ايندڙ صبح جو ان کي ٻين ڪمن کان پهريان مڪمل ڪريو (7) اهم ۽ عملي ڪمن کي صبح جي وقت انجام ڏيو جو ان وقت تازگي وڌيڪ هوندي آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: رزق ۽ حاجتن جي طلب ڏينهن جي آغاز ۾ ڪريو ڇوته صبح جي وقت ۾ برڪت ۽ ڪاميابي آهي.[5] پڻ صبح جو وقت باعثِ برڪت هوندو آهي، پاڪ ڪريم ﷺ ان جي لاءِ هيئن دعا فرمائي: (اي الله!) منهنجي امّت جي لاءِ صبح جي اوقات ۾ برڪت عطا فرماءِ.[6] حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ علیہ ان جي شرح هيئن ڪئي آهي: يعني (اي الله!) منهنجي امّت جي تمام انهن ديني ۽ دنياوي ڪمن ۾ برڪت ڏي جيڪي اهي صبح سويري ڪندا ڪن. جيئن سفر، طلبِ علم، تجارت وغيره.[7] (8) ڪجھ وڏا ڪم گڏ نه ٿا ڪري سگهجن لهٰذا اهڙن ڪمن کي ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهايو (9) حساس ۽ اهم ترين ڪم ڪندي وقت انٽرنيٽ ۽ موبائل فون بند ڪري ڇڏيو ته جيئن توجه نه هٽي (10) هڪ اڌ ميسج/ اي ميل سان ڳالھ نه ٻڌجي ته وقت ضايع ڪرڻ جي بدران فون ڪٽو ۽ ڳالھ ختم ڪريو (11) ڪجھ ماڻهو اِن باڪس کي پنهنجي "ٽوڊو لسٽ" ٺاهي وٺندا آهن (يعني ڪرڻ وارن ڪمن جي فهرست الڳ ناهن ناهيندا)، ايئن نه ڪريو بلڪ اِن باڪس کان ٻاهر نڪرو، پنهنجا ٽاسڪ/ ڪرڻ وارا ڪم الڳ رکو ۽ ان باڪس جي لسٽ جي پرنٽ ڪيو ايئن توهان جو "فوڪس" هڪ شيءِ تي رهندو (12) اي ميل ۾ ايڪشن آئٽمز (ڪرڻ وارن ڪمن جي فهرستن) ۽ ريفرنس آئٽمز (ضرورت جي وقت ڪم اچڻ وارين شين) جا ڌارڌار فولڊر ناهيو ۽ هيءُ ئي طريقو پنهنجي ليپ ٽاپ/ ڪمپيوٽر ڊيٽا جي لاءِ به اختيار ڪريو جو هر شيءِ جو فولڊر الڳ هجي ۽ ڊيٽا جي حفاظت جي لاءِ ايڪسٽرنل هارڊ ڊسڪ/ يو ايس بي جو استعمال ڪريو (13) ڪم جي دوران هر ٻن ڪلاڪن کان بعد ڪجھ منٽن جو وقفو/ بريڪ ضرور هڻڻ گهرجي (ڪمپيوٽر تي ڪم ڪرڻ وارا هر 20 کان 25 منٽن کان بعد ڪجھ سيڪنڊن جي لاءِ

پنهنجون نظرون اسڪرين کان هٽائيندا ڪن) (14) رات دير تائين ڪم ڪرڻ وارن ڪي گهرجي تہ رات جو آرام ڪن ۽ صبح جلدي اٿي ڪري اهو ڪم پورو ڪن.

ڪوشش ڪريو تہ صبح اٿڻ کان وٺي رات سمهڻ تائين سيني ڪمن جا اوقات مقرر هجن مثال طور هيٺري وڳي تهجد، علمي ڪم، مسجد ۾ تڪبيرِ اولٰي سان گڏ باجماعت فجر جي نماز (اهڙي ريت ٻيون نمازون)، ناشتو/ روزگار (آفس يا شاپ يا پوءِ ڪالج ۽ يونيورسٽي)، منجهند جو ڪاڌو، گهريلو معاملات، شام جي مصروفيت (اڪيڊمي/ ٽيوشن)، چڱي صحبت، (جيڪڏهن اها ميسر نہ هجي تہ اڪيلائي ڪيئي ڀيرا بهتر آهي)، محدود حد تائين ضروري ملاقاتن وغيره جا اوقات متعيّن ڪيا وڃن. جيڪي ماڻهو هنن جا عادي ناهن، ممڪن آهي انهن کي شروع ۾ ڪجهہ ڏکيائي پيش اچي. پوءِ جڏهن عادت پئجي ويندي تہ ان جا فائدا، برڪتون ۽ نفعا پاڻ ئي ظاهر ٿي ويندا. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيم! نظامُ الاوقات جا ڪجهہ فائدا هيٺ پيش ڪجن ٿا:

## نظامُ الاوقات جا فائدا:

(1) اوقات جي ڊسپلن سان ترجيحات (Priorities) متعيّن ڪرڻ آسان ٿي ويندو آهي (2) اهم ۽ غير اهم ڪمن جي درجه بندي ٿي ويندي آهي (3) اهم ڪم وقت تي ۽ درست طريقي سان ٿي ويندا آهن (4) اطمينان نصيب ٿيندو ۽ گهٽ وقت ۾ گهڻو ڪم ڪري سگهبو ڇو جو ان وقت ٻئي ڪم تي توجه نہ هوندي (5) شيڊول ٺاهڻ جي ڪري ٽائيم بچندو ۽ وڏيڪ نوَن نوَن ڪمن جو عزم ۽ حوصلو ملندو (6) وقت مقرر هئڻ جي ڪري ماڻهن سان ڪيل واعدا پورا ٿيندا، نہ تہ جيڪي وقت تي پيمنٽ نہ ڪن/ آرڊر پورا نہ ڪن يا ڊليوري نہ ڏين تہ اهڙن جا ڪاروبار سخت متاثر ٿيندا آهن(7) ماڻهن سان ملاقات جو وقت خاص هوندو جنهن جي ڪري ٻي وقت ملاقاتن کان آرام ملندو (8) زندگي جو مقصد ٻڌائڻ ۾ مدد ملندي ۽ (9) زندگيءَ ۾ مشڪلاتون گهٽ ۽ آسانيون گهڻيون ٿي وينديون وغيره وغيره.

---

1. پ23، يٰسٓ: 40
2. ماخوذ از خزائن العرفان، ص820، پ23، يٰسٓ، تحت الآية: 40
3. پ20، القصص: 73
4. نور العرفان، ص629، پ20، القصص، تحت الآية: 73
5. جامع الصغير، ص187، حديث: 3123
6. ترمذی، 6/3، حديث: 1216
7. مراٰة المناجيح، 491/5

# انسان ۾ نفسياتي گهٻراهٽ (Anxiety)

ڊاڪٽر زيرڪ عطاري



الله پاڪ اسان کي عقل ۽ شعور جي نعمت سان نوازيو، اسان جي اندر جذبات ۽ احساسات کي پروان چڙهايو جنهن سان اسان زندگيءَ جون خوشيون ۽ غم محسوس ڪري سگهون ٿا. سمنڊ جي لهرن جيان انسان جي جذبات ۾ به لاهي چاڙهي جو عمل دخل رهي ٿو. هڪ ئي ڏينهن ۾ اسان ڪيئي ڀيرا خوشي ۽ ڏک يا انهن ٻنهي سان ملندڙ جلندڙ ڪيفيتن مان گذرندا آهيون جيڪو بلڪل نارمل آهي.

ڪڏهن ڪڏهن حالات ۽ واقعات اسان جي دل ۽ دماغ تي ڪجهه هن طرح اثر انداز ٿيندا آهن جو اسان بي چين ٿي ويندا آهيون. هڪ عجيب فڪر يا خوف لاحق ٿي ويندو آهي. دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي آهي، ساهه کڻڻ ۾ مشڪل، جسم ڪانڊارجي ويندو آهي، پيشانيءَ تي پگهر ايندو ۽ جوڙن ۾ سُور محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. انهن حالتن ۾ ڪيفيتن مان گذرڻ واري شخص کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ناهي ايندي ته مون سان ڇا ٿي رهيو آهي، ان کي ڪجهه هيئن محسوس ٿيندو آهي ته منهنجي اختيار ۾ ڪجهه ناهي رهيو ۽ ناڪامي منهنجو مقدر آهي.

ان مجموعي ڪيفيت جو نالو آهي گهٻراهٽ. زندگيءَ جي ڪيئي مواقع تي اسان سان ايئن ٿيو هوندو. مثال طور امتحان کان پهريان، يا ڪنهن ضروري ميٽنگ جي موقعي تي يا وري فلائٽ جي لاءِ ليٽ ٿيڻ وقت. هن طرح جي گهٻراهٽ بلڪل نارمل آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي گهٻراهٽ فائدي مند ثابت ٿيندي آهي ڇوته توهان هوشيار ٿي ويندا آهيو ۽ توهان جي ڪارڪردگيءَ (Performance) ۾ بهتري ايندي آهي.

بهرحال گهبراهٽ بابت هي ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو تہ جيڪڏهن ڪو شخص اهڙي پوشيده گهبراهٽ ( background anxiety) ۾ مبتلا رهندو هجي جنهن ڪري روزانو جي معمولات تي ڪو منفي اثر نہ پوندو هجي مثال طور ڪم ڪار، ازدواجي زندگي، ماڻهن سان ملڻ جلڻ، گفتگو، ڏيڻ وٺڻ ۽ ٻيا معاملات چڱي طرح پورا ڪندو هجي تہ پوءِ هي پوشيده گهبراهٽ بہ اسان جي لاءِ نارمل آهي، اي ڪاش! پوشيده گهبراهٽ فڪرِ آخرت ۾ تبديل ٿي وڃي تہ پوءِ زندگي سَنوَرجي وڃي.

هاڻي اچون ٿا ان گهبراهٽ جي طرف جيڪا اسان جي روزانو جي زندگي کي متاثر ڪندي آهي، جنهن جي ڪري اسان پنهنجون ذميداريون پوريون ناهيون ڪري سگهندا ۽ ڪجهه گهٽو ئي ٻين جي آسري تي رهندا آهيون. گهبراهٽ پاڻ بيماري ناهي بلڪ جيئن مٿي جي سورَ جا ڪيئي سبب هوندا آهن ايئن ئي هي گهبراهٽ بہ هڪ عَلامت آهي جيڪا مختلف بيمارين جي ڪري ظاهر ٿيندي آهي.

## گهبراهٽ جا سبب

نفسياتي مريض مثال طور ذهني دٻاءُ (Depression) ✿ فوبيا (Phobia) ✿ وهم/وسوسن جي بيماري (Obsessive-Compulsive Disorder) ✿ ڪنهن وڏي حادثي جي ڪري پيدا ٿيڻ وارو ذهني دٻاءُ (Post-Traumatic Stress Disorder) جسماني بيماريون مثال طور ✿ ڪينسر ✿ جوڙن جو سور ۽ سوڄ جو عارضو(Arthritis) ✿ ٿائيرائيڊ هارمون جي گهٽائي ✿ دل جي ڌڙڪن جي هڪ خاص بيماري جنهن ۾ اوچتو ڌڙڪن تمام تيز ٿي ويندي آهي وغيره وغيره.

لهٰذا جيڪڏهن مريض پاڻ کي گهبراهٽ جو شڪار محسوس ڪري تہ اهو ڪنهن ماهر نفسيات سان رجوع ڪري. ماهر نفسيات کي بہ گهرجي تہ هو گهبراهٽ جي مڪمل شناخت ڪري ۽ بيماريءَ جي پاڙ تائين پهچي. ڪڏهن ڪڏهن مريض ڪنهن عام ڊاڪٽر ڏي هليو ويندو آهي ۽ ڊاڪٽر بہ فيس جي چڪر ۾ پنهنجي پروفيشنل گائيڊ لائنز کي پردي پويان ڇڏي ڪري مڪمل شناخت ڪرڻ بغير علاج شروع ڪري ڇڏيندو آهي.

گهبراهٽ جا ڪوڙ سارا علاجَ موجود آهن. علاج جي نوعيت سببن جي بنياد تي ٿورو مختلف هوندي آهي پر هن مضمون ۾ جيڪي گهبراهٽ جا علاج تجويز ڪيا پيا وڃن اهي اِنْ شَآءَاللہ هر هڪ کي فائدو ڏيندا.

✿ سڀ کان پهريان توهان پنهنجي ڪيفيات جو جائزو وٺو. ڪهڙا عَناصِر آهن جيڪي توهان کي بي چين ڪن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن خاص وقتن ۾ گهبراهٽ گهٽي ٿي ويندي آهي. ان ضمن ۾ جيڪڏهن توهان ڪيفيات جي ڊائري لکڻ شروع ڪندا تہ توهان کي پنهنجي پرابلم کي سمجهڻ جو موقعو ملندو. مثال طور هڪ ڪالم ۾ وقت لکو. ٻئي ۾ پنهنجا جذبات ۽ احساس، ٽئين ڪالم ۾ پنهنجي ذهن ۾ هلڻ واريون سوچون لکو ۽ چوٿين ڪالم ۾ اهي واقعات ۽ حالات جنهن سبب توهان گهبراهٽ جو شڪار آهيو. جيترو توهان

محرڪات (Triggers) کي سمجهندا اوترو ئي توهان پنهنجو پاڻ علاج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا.

✿ جيڪي مشڪلات يا مسائل توهان کي در پيش آهن انهن جي درجه بندي ڪريو. مثال طور جيڪي مسائل آسانيءَ سان حل ٿي سگهن ٿا انهن کي پهريان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ان سان توهان کي اعتماد حاصل ٿيندو ۽ گهبراهٽ ۾ گهٽتائي ايندي. جيڪڏهن توهان مسائل کي مشڪل سمجهي ڇڏي ڏيندا ته ان جو وزن توهان جي ذهن تي پهاڙ وانگر ڇانئجي ويندو ۽ توهان گهبراهٽ جي چڪيءَ ۾ پيسجندا رهندؤ.

✿ سمهڻ، اٿڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ عبادت جي روٽين هئڻ گهرجي. ان ضمن ۾ پنج وقت نماز باجماعت ادا ڪرڻ توهان جي زندگيءَ ۾ هڪ بهترين روٽين ۽ مثبت تبديلي (Positive change) آڻي سگهي ٿو. ذڪر اذڪار، تلاوتِ قرآن ۽ دُرودِ پاڪ جو معمول توهان جي گهبراهٽ کي ڪافي حد تائين گهٽ ڪري سگهي ٿو.

✿ ورزش جو گهبراهٽ ختم ڪرڻ ۾ تمام گهڻو بنيادي ڪردار آهي. روزانو اڌ ڪلاڪ اهڙي ورزش ڪريو جنهن سان توهان کي پگهر اچي ۽ ٿورو ساهه چڙهي ۽ دل جي ڌڙڪن ۾ تيزي محسوس ٿئي. اسٽريس يا گهبراهٽ جي ڪري جيڪا آڪيڙ جسم ۾ اچي ويندي آهي ورزش جي ذريعي اها آڪيڙ بلڪل ختم ٿي ويندي آهي.

✿ پنهنجن همدردن سان مناسب انداز ۾ مدد طلب ڪريو انهن تي بارُ بڻجڻ جي بغير. توهان انهن کي پنهنجا اهي جذبات ۽ احساس ٻڌايو (جنهن جي شريعت پڻ اجازت ڏيندي هجي). ان سان به توهان جي گهبراهٽ ۾ گهٽتائي ايندي ✿ توهان جي زندگيءَ ۾ جيڪي مثبت شيون آهن انهن جي لسٽ ناهيو. روزانو ان لسٽ جو مطالعو ڪريو ۽ انهن مثبت شين تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريو. اسان جو دين اسان کي مثبت سوچ سيکاري ٿو. هڪ مؤمن ٻانهي کي هي نه ٿو جڳائي ته اهو پنهنجي ۽ ٻئي جي حوالي سان منفي سوچ رکندو هجي ✿ هر ڇنڇر تي مدني چينل تي ٿيڻ وارو لائيو مدني مذاڪرو ٻڌو. ان جي ذريعي جيڪا بهترين ڪاؤنسلنگ توهان کي ملندي ان جو ڪو مٽ مثل ناهي ✿ پنهنجي طبيب جي مشورن کي اهميت ڏيو ۽ ڏنل هدايتن تي مڪمل عمل ڪريو. ڪجهه مريضن کي دوا جي به ضرورت پوندي آهي. دوا جي حوالي سان عوامُ النّاس ۾ غلط تصور قائم آهي جنهن جي ڪري ڪافي ماڻهو نفسياتي مرضن جي دوا ناهن وٺندا جنهن جي ڪري اهي سڄي زندگي نفسياتي مريضَ رهندا آهن.

